ABC Certified
The Largest Circulated Sindhi Daily of Pakistan
هڪ ئي وقت ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر مان شايع ٿيندڙ ٻهرين سنڌي اخبار
DAILY KAWISH
Daily Kawish Hyderabad
روزانه ڪاوش
(جلد 30) خميس 02 جولاءِ 2020ع بمطابق 10 ذوالقعد 1441ھ (شمارو 329) قيمت 25 رپيا

# سنڌ روينيو بورڊ پاران سيلز ٽيڪس جي مد ۾ 105 ارب کان وڌيڪ اوڳاڙيون

## مالي سال 20_2019ع دوران مجموعي طور 105 ارب 90 ڪروڙ جون رڪارڊ اوڳاڙيون ڪيون: سنڌ روينيو بورڊ

## سنڌ ورڪرز ويلفيئر فنڊ جي مد ۾ 5 ارب 60 ڪروڙ رپين جي اوڳاڙي ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ روينيو بورڊ هڪ ٻيو سنگ ميل عبور ڪندي 2019ع ۽ 2020ع دوران سيلز ٽيڪس جي مد ۾ 100 ارب رپين جون اوڳاڙيون ڪري ورتيون. سنڌ روينيو بورڊ مطابق 2019ع ۽ 2020ع جي مالي سال دوران مجموعي طور 105 ارب 90 ڪروڙ رپين جون رڪارڊ اوڳاڙيون ڪيون، جيڪي ان کان اڳ مالي سال جي ڀيٽ ۾ 5 ڍهائي ڇهه سيڪڙو وڌيڪ آهن.گذريل ڇئن مهينن دوران ڪووڊ-19 دوران معاشي سستي جي باوجود هي ڪارنامو سرانجام ڏنو ويو آهي. ان کان اڳ 93 ارب رپين کان وڌيڪ اوڳاڙي ڪئي وئي هئي. ايس آر بي جي پڌرائي موجب سنڌ ورڪرز ويلفيئر فنڊ جي مد ۾ 5 ارب 60 ڪروڙ رپين جي اوڳاڙي ڪئي وئي آهي. سنڌ روينيو بورڊ سال 2011 ۾ پنهنجي قيام کان وٺي لاڳاتار ڪاميابيون حاصل ڪيون، ڪورونا جي ڏينهن ۾ بورڊ جي ملازمن پنهنجي ڊيوٽي کان هٽي ڪري ڪم ڪيو. انهن ملازمن لاڪ ڊائون دوران انتهائي مشڪل حالتن ۾ ڪم ڪيو. سنڌ روينيو بورڊ جو چوڻ آهي ته هي ٽيڪس ادا ڪندڙن جي سهڪار ۽ سنڌ حڪومت جي مدد جو نتيجو آهي. سنڌ حڪومت نئين مالي سال دوران ٽيڪس جو ڪاٽو 135 ارب رپيا لڳايو آهي،جيڪو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ساڍا 27 سيڪڙو وڌيڪ آهي ۽ ان ٽارگيٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀرپور محنت ۽ ٽيم ورڪ ڪيو پيو وڃي .